# 4. ڪنول جو گُل

هري دلگير (1916-2005ع) هند سنڌ ۾ هاڪارو اِنجنيئر ۽ شاعر هو. هن نظم ۾ شاعر ڪنول جي گل جو مثال ڏيئي سنسار ۾ سُٺي زندگي گهارڻ جو سنديش ڏنو آهي.

پيارا پيارا ڦول منوهر! تو ڇا موڄ مچائي،
ساڻ ڪٽي سنسار ۾ ائين سندرتا سرهائي.
سيتل هير گُهلي پرڀاتي، توکي چُمڻ لئه آئي،
واسي تنهنکي واس سان پنهنجي، تو مدهوش بڻائي.
نيرو نيرُ، گگن ڀي نيرو، وچ ۾ صاف سفيدي
سونيءَ دنيا ۾ تو رنگبرنگي راس رچائي.
وايوُ هٿ پنهنجي سان تنهنجو آنند جهوُلو جهولي
جهولي جهولي هردي ۾ تو چنچل لهر لڳائي.
جل ۾ ڄائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳ وارن کي جڳ ۾ جالڻ جي تو راهہ ٻڌائي.
مُکڙيءَ ۾ معصوميت مُشڪي، هردي ۾ ڪوملتا،
ديون ۽ ديوين تي جڳ پيتا انمول چڙهائي.
بند - ڪنول ۾ لوڀي ڀونئرو سنجها ويلي ڦاٿو،
ڇڻ مايا جڳ جي جيون لئہ ترشنا ڇار وڇائي.
سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا ۽ پوترتا واري،
سائينءَ هي سوغات سرشٽيءَ لئہ سڪ ساڻ بڻائي.



**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| سرهائي = خوشي | گُهلي = ڦهلي | مدهوش = نشيلي |
| نيرُ = پاڻي | وايوُ = هوا | جالڻ = گهارڻ |
| انمول = قيمتي | سنجها = شام | ترشنا = چاهنا |
| سؤغات = سوکڙي | سرشٽي = سنسار. | |

## اَڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١. سنسار ۾ سندرتا سرهائي ڪير ڪٺي آيو؟
٢. ڪنول جي گُل هير کي ڪيئن مدهوش بڻايو؟
٣. ديون ۽ ديوين تي انمول پيتا ڪنهن چڙهائي؟
٤. سائين ۽ سنسار لاءِ ڪهڙي سوغات بڻائي آهي؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري لکو :**

١. اسان کي جڳ ۾ ڪيئن گهارڻ گهرجي؟
٢. لوپي پونڊري جي مثال سان شاعر ڇا ٿي چوڻ چاهي؟
٣. ڪنول جي گُل جون چار خاصيتون لکو.

**سوال ٣ - سِٽون پوريون ڪريو :-**

١. نيرو نيرُ ............... راس رچائي.
٢. جل ۾ ڄائين ............ راهه ٻتائي.
٣. بند ڪنول ۾ ............ چار وڇائي.

**سوال ٤ - هم آوازي لفظ ڳولهي لکو :-**

مڇائي، آئي.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم :**

نيرو نيرُ ............ اَنمول چڙهائي.

**(i) ’نيرو نيرُ‘ ۾ نيرو صفت آهي ۽ نير اِسم آهي. اَهڙي نموني هيٺ ڏنل تڪندي مان مناسب اِسم ڳولهي صفت اِسم جوڙا پورا ڪريو.**

(الف) رنگبرنگي ☐ (ب) چنچل ☐

(ب) اَنمول ☐ (پ) سوني ☐

گگن، راس، پيتا، لهر، دنيا

**(ii) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

(الف) چار لفظ هندي ٻوليءَ ۾ اِستعمال ٿيندڙ.

(ب) ساڳئي معنيٰ ڏيکاريندڙ هڪ جوڙو

(ب) ڳُل جو اَڻ اُسريل روپ

(پ) جهولو جهوليندڙ

**(iii) سٽ سمجهايو :**

’جڳهه وارن کي جڳهه ۾ جالڻ جي تو راهه ٻڌائي‘

(۲) ’ڳلاب جي ڳل‘ جي آتم ڪهاڻي لکو.

---



## خاص ڄاڻ

(الف) اَچو تہ گهر ۾ ڪنول جو ڳل پوکيون.

(1) پساريءَ جي دڪان تان ڪنول جا ٻج آڻي

(2) 7-8 ٻج ڪٽي اُنهن کي ٿورو گسايو.

(3) هڪ ويڪري برتن ۾ ٻج رکي اُن کي پورو صاف پاڻيءَ سان ڀريو ۽ 5-6 ڏينهن ڍڪي رکو.

(4) ڪجهه ٻجن مان سلا نڪرندا توهان کي نظر ايندا. اَهڙا اُسريل ٻج ڪڍو.

(5) ٻہ ننڍيون مٽيءَ سان ڀريل ڪونڊيون ڪڍو هرهڪ ۾ هڪ اُسريل ٻج، مٽي - اَندر ڪوڙيو. مٽيءَ ۾ ننڍڙي پٿريءَ جا ٽڪر وجهو.

(6) هڪ وڏي پلاسٽڪ جي ٽب ۾ اِهي ٻئي ڪونڊيون رکو. آهستي آهستي اهو ٽب سچو پاڻيءَ سان ڀريو. روز پاڻيءَ جي سنوت جاچيو ۽ گهٽ سنوت تي، پاڻي وجهو.

(7) ڪجهه ڏينهن کان پوءِ توهان ڏسندا تہ اُنهن ڪونڊين ۾، ٻجن جي سلن مان گول پتا اُسرندا نظر ايندا. آهستي، هيٺ اَچي رنگہ وارين پاڙن ۾ ياڻ ملايو.


(8) تمام سني برسات ۾ ٻوٽي جي واڌ ڪانپوءِ، توهان ڪنول جا ڳُل ڏسي سگهندا. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ (You Tube: Essentials of Life) تي وڃو.

(ب)

## دنيا جا مهانگا گُل (قيمت آمريڪن ڊالرن ۾)

1 

لزيئنٿس
(Lisianthus)
35 ڊالر هڪ جهڳٽي لاءِ

2 

لِلي آف د وئلي
(Lily of the Valley)
143 ڊالر- هڪ جهڳٽي لاءِ

3 

هئڊرنجيئا
(Hydrangea)
2 کان 4 ڊالر هڪ ٽاريءَ لاءِ

4 

گلوريوسا للي
(Gloriosa Lily)
5 ڊالر کان 10 ڊالر هڪ ٽاريءَ لاءِ.

5 

ٽيولپ بلب
(Tulip Bulb)
9 ڊالر هڪ جهڳٽي لاءِ.

6 

سئفران ڪروڪس
(Saffron Crocus)
6 ڊالر 10 گلن لاءِ.

7 

گولڊ آف ڪنابالو آرڪڊ
(Gold of Kinabalu Orchid)
تمام مهنگو

8 

شينزهن نونگڪي آرڪڊ
(Shenzhen Nongke Orchid)
202000 ڊالر ٽائين هڪ گل

9 

جولئٽ روز
(Juliet Rose)
16 ملين ڊالر

10 

ڪڊو پُل گُل
(Kadupul Flower)
تمام ملهائتو خريديءَ کان ٻاهر.

### وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

چنديڳڙهہ ۾ ’ذاڪر حسين روز گارڊن‘ آهي اِهو رشيا ۾ سڀ کان وڏو باغ آهي، جيڪو اَٽڪل 30 ايڪڙ زمين ٽائين ڦهليل آهي. اِن ۾ 50,000 گلاب جا ٻوٽا آهن. جن ۾ 1600 جدا جدا گلاب جي گُل جون جاتيون آهن. اِن ۾ ڪجهه دوائن وارا ٻوٽا بہ پوکيا ويندا آهن. اِهو سنہ 1967ع ۾ ٺاهيو ويو. هر سال فيبروري يا مارچ مهني ۾ روز فيسٽيول (Rose Festival) هڪ شاندار سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرم ملهايو ويندو آهي.

C98ASL